عزيز گوپانگ

# شيخ اياز ۽ سندس لوڪ ڏاهپ

## Shaikh Ayaz and his folk wisdom

**Abstract**

Poetry encompasses multiple forms of expression, with two significant sources often considered: external and internal feelings. Shaikh Ayaz is recognized as a leading poet of the modern era. His poetry addresses common themes related to his society and community. He was a true literary artist, fully aware of his responsibilities as a poet. The subjects and topics that Shaikh Ayaz chose to explore were drawn from both contemporary and historical contexts. His writing effectively addressed historical themes and events, such as the tale of Dodo Soomro (an opera) and Hamarcho (a folk song), along with other unique subjects that are integral to folklore and have been passed down through generations. Undoubtedly, he was a sage poet who understood the importance of history and folklore. Through his work, he made a concerted effort to highlight forgotten stories and reinterpret them, engaging his readers with their past. Ayaz drew inspiration from Shah Abdul Latif Bhitai, who also adopted various folk tales such as Susui Punhoo, Ummer Marvi, and Sorath Rai Diach. Shaikh Ayaz distinguished himself through his precise use of language, thought, diction, and themes, qualities that are rarely seen in the works of his contemporaries. This research paper aims to explore how Shaikh Ayaz keeps the memory of these stories alive, fostering a positive engagement with his audience. It also contributes to the understanding of the wisdom embedded in the poetry of one of the most influential poets in the Sindhi language, who has had a significant impact on literature in both prose and poetry over the past couple of decades.

**Keywords:** Shaikh Ayaz, Poetry, Sindhi language, folklore, wisdom

نوبل ايوارڊ حاصل ڪندڙ فرينچ ناول نگار ميڊيانو پيٽرڪ، ايوارڊ حاصل ڪرڻ واري پروگرام ۾ تقرير ڪندي چيو هو: ”لکڻ مون لاءِ ايترو ڏکيو آهي، جيترو ڪنهن

ڊرائيور لاءِ ڪار هلائڻ ۽ اهو به ان وقت جڏهن ڪار جي ونڊ اسڪرين تي ماڪ ڄمي وڃي، رستو ڇِڪڻ سان خراب ٿيل ۽ پُرپيچ هجي، ۽ ڪار جون بريڪون به ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏين!“ (1)

شيخ اياز پنهنجي شعوري تخليق ذريعي پوري نسل کي هميشه حيران ڪندو پئي رهيو آهي، جڏهن به ڪيس پڙهبو آهي، تڏهن سندس شاعري پڙهندڙ کي نه رڳو پنهنجا نوان رنگ ڏسائيندي آهي، پر هر ڀيري هو پنهنجي پڙهندڙن سان هڪ نئون ۽ حيران ڪندڙ تعارف پڻ ڪرائيندي آهي.

جهڙيءَ ريت اياز جي شاعري همه گير آهي، اهڙيءَ طرح ان مٿان لکڻ جا موضوع به سندس شاعريءَ جي سٽن ۾ جتي ڪٿي ڦهليا پيا آهن. هو پاڻ مٿان لکندڙن ۽ پنهنجن پڙهندڙن لاءِ موضوعن جي وسعت سان گڏ Multiple choices جو الڳ جهان پڻ ڇڏي ويو آهي.

اياز جي شاعريءَ ۾ فوڪ ۽ ڪلاسڪ جو امتزاج هر جاءِ ملي ٿو. ڪنهن به شاعر جو فن، ان ۾ موجود اهڙن حسين لقائن جي پس منظر ۾ ئي پرکي سگهجي ٿو، جيڪي لقاءَ ان کي ابديت جي ماڳ ۽ مڪان ڪان به اڳتي جو ڏس ڏين.

اياز جي شاعريءَ ۾ اهڙا لقاءَ هر هنڌ ملن ٿا. سندس شاعريءَ ۾ لوڪ ڏاهپ ۽ ان جي پيشڪش کي سمجهڻ کان اڳ ۾، اهو ضروري آهي ته اسان فوڪ ۽ ڪلاسڪ جي معنيٰ کي به چڱي ريت سمجهون.

”فوڪ (Folk) جي معنيٰ ۾ لوڪ، ماڻهو، قوم، ملڪ ۽ ان ۾ موجود عوام ۽ ان جا اجتماعي احساس اچي وڃن ٿا، ٻين لفظن ۾ فوڪ جو مطلب، عوام جو يا عوام لاءِ آهي.

’فوڪ‘ جي جهلڪ، اهڙي شاعر جي فن مان ئي اڀري ٻاهر اچي سگهي ٿي، جنهن جو حافظو مضبوط ۽ ماضيءَ جي يادگيري پختي هوندي آهي. عوامي حافظي يا ماضيءَ جي يادگيريءَ کان ماوره ۽ بيگاني شاعري ڏنڏلي شيشي ۾ مُنهن ڏسڻ جي برابر ٿيندي آهي.

جڏهن ته ادب ۾ ڪلاسڪ جو مطلب اهو قديم ادب آهي، جنهن جا موضوع اڄ به تازا، عنوان اڄ به مُروج، مواد اڄ به نئون ۽ ان ۾ موجود جماليات اڄ به جوان هجي ۽ اهڙا آفاقي قدر، جيڪڏهن جديد دور جي ڪنهن شاعر جي شاعريءَ ۾ موجود آهن ته اسان ان کي پڻ ڪلاسڪ جو درجو ڏيئي سگهون ٿا. ان حوالي سان هڪڙي ڳالهه سمجهڻ لازم آهي ته سمورو پراڻو ادب ڪلاسڪ ناهي، ساڳي ريت پورو نئون ادب پڻ ڪلاسڪ جي درجي کي نٿو ماڻي سگهي. ان لاءِ، موضوعن جي چونڊ، ٻوليءَ کي جاوداني يا امرتا بخشڻ واري خوبي ۽ خيال جو آفاقي هئڻ بنهه لازمي آهي.

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ (Folk Visdom) سَرِ دست موجود آهي، جنهن کي اسان سندس شاعريءَ ۾ هر هنڌ ڏسي ۽ محسوس ڪري سگهون ٿا. دراصل شاعريءَ ۾ موجود لوڪ ڏاهپ واري خوبي ئي آهي، جيڪا اياز جي شاعريءَ کي ”ڪلاسڪ“ جي درجي تي آڻي بيهاري ٿي.

دودي سومري تي لکيل اوپيرا ”دودي سومري جو موت“ کي اسان اياز جي فوڪ وزڊم ۽ ساڳئي وقت سندس ڪلاسڪ هئڻ جو دستاويز قرار ڏيئي سگهون ٿا. سندس لکيل اوپيرا ۾، هڪ فرد جي خودشناسي، ابديت ۽ فنائيت جي حقيقت، وطن دوستيءَ جي پاسداري، رشتن جي عظمت ۽ موت توڙي زندگيءَ سان گڏ جيت ۽ هار جهڙن ازلي موضوعن جي، جنهن طريقي سان اوک ڊوک ۽ تشريح ڪئي ويئي آهي، اها ڪلاسيڪل ادب جي جوهر ۽ لوڪ ڏاهپ وارين خوبين جو حسين امتزاج ۽ نمونو آهي. فقط ماضيءَ جي ياد پنهنجي ليکي فوڪ ناهي هوندي، مگر ان جي پيشڪش ۽ مواد ۾ بيان ڪيل قدرن کي سنڀالي بيهڻ واري خوبي ۽ صلاحيت ئي ان يادگيري کي فوڪ ۽ ڪلاسيڪل بنائي سگهندي آهي.

مثال طور: مارئيءَ جو قصو هڪ قصي طور فوڪ يا ڪلاسڪ ناهي، پر شاعر جو، مارئيءَ جي وطن کان جدائي واري سانحي، عمر هٿان زور ۽ زبردستي سان کڄي اچڻ جهڙي الميئي، مسڪين مارُن جي بي وسي ۽ لاچاري ۽ سندس درد توڙي اڪيلائيءَ سان گڏ بيهڻ وارو احساس ئي ان کي ڪلاسڪ ۾ شامل ڪري ٿو.

ظاهر آهي، عمر بادشاهه مارئيءَ کي سندس خوشي ۽ راضپي سان ته کوهه تان کونه کڻي آيو هئو بلاشڪ هن ساڻس عشق ڪيو هئو مگر جڏهن سندس عشق ۾ جبر ۽ ڏاڍ لهي آيو ته اهو بي معنيٰ ۽ ڇسو ٿي بيٺو ۽ مارئيءَ جو انڪار عظيم ٿي ويو. ماضيءَ جي يادگيريءَ مان انڪار جو اهڙو حسن ڪڍي اچڻ ئي اصل ۾ فوڪ وزڊم آهي.

عشق جي قدامت جو سمورو حسن ان ڳالهه ۾ آهي ته اها نواڻ سان به ڀرپور هوندي آهي. شاهه لطيف وانگر، اياز وٽ پڻ قديم موضوع، جديد اظهار سميت موجود آهن.

عشق جي اهڙي يادگيريءَ کي اياز بنهه خوبصورتيءَ سان اظهاريو آهي؛

اياز چوي ٿو:

”ڇو تون منهنجي سڏ تي ايندئينءَ
سک جي سيج ڇڏي
منهنجي چلهه ۾ ڇڻنگ نه ڪا ئي
تنئوري ناهه تڏي. . .!!“[2]

هتي اظهار عشق جو آهي، جنهن کي اثرائتو ۽ معنيٰ خيز بنائڻ لاءِ اياز پنهنجي ادراڪ مان سماجي درجہ بندي ۽ طبقاتي متڀيد وارو احساس ڪٽي آيو. محبوب سان اهڙي طرح مخاطب ٿيڻ پويان اياز جو اهو سماجي شعور بيٺل نظر اچي ٿو جنهن جي حافظي ۾ صدين کان موجود طبقاتي ستم سٽيا پيا آهن. هتي عاشق ۽ محبوب جي وچ تي رُو سِياه رقيب نہ، پر ان جي جاءِ تي طبقن ۾ ورهايل اهو سماج موجود آهي، جنهن جي هٿان هر دور ۾ انسانيت جي تذليل ٿي آهي. اياز جو عشق، حسن اڳيان Surrender ڪري ٿو. اهو "سرينڊر" دراصل ماضي جي اهڙي يادگيري آهي، جنهن جي بنيادن تي سنڌ جو سماج صدين کان بيٺل آهي. .

فقط سٺ ستر سال اڳ تائين، فارسي شاعريءَ جي اثر هيٺ آيل سنڌي شاعرن، پنهنجي سخن جي ذريعي محبوبائن يا معشوقن سان ايتريون تہ جنگيون ڪيون آهن، جنهن سان ڪيئي ملڪ فتح ٿي پئي سگهيا، پر دليون نہ. . . !

شيخ اياز اک کي تير، پرون کي تلوار، زلف کي زنجير، ساهہ کي آه، ۽ آه کي باهہ بنائي رکڻ واري رواج کان انڪار ڪري، اهڙن بيٺل تلائن جا ترا ئي ڪيري ڇڏيا آهن. هن ادب ۾ مروج فرسوده ۽ ڏپ ڇڏيندڙ خيال ۽ اظهار جو انڪار ڪيو. سندس اهڙي انڪار ڪيس آفاقي قدرن جي پاسدار ۽ جديد شاعرن جي معندار طور متعارف ڪرايو. هن اهو سچ چڱيءَ ريت ڄاتو پئي تہ عشق اصل ۾ حسن جو ئي ٻيو نالو آهي. هن اها حقيقت ڄاتي پئي تہ عشق حسن کان ٻاهر ڪٿي بہ، ۽ ڪڏهن بہ ناهي هوندو.

'فوڪ' رڳو ماضيءَ جا ڪوٽ، قلعا ۽ قصا ناهن هوندا، پر انهن ڪوٽن، قلعن ۽ قصن ۾ قيد ٿيل ماڻهن جي درد کي محسوس ڪري، ان کي اظهار جي صورت ڏيڻ بہ "فوڪ" آهي.

فقط دودي سومري جو قصو ئي فوڪ يا ڪلاسڪ ناهي، پر ان قصي مان ٻاهر نڪري ايندڙ سندس چيتي واري چنگهاڙ بہ فوڪ آهي، جنهن خلجيءَ جي بدن ۾ رڙهي پيدا ڪري ڇڏي هئي، جنهن کي شيخ اياز پنهنجي اوپيرا ۾ ڪمال ڪاريگريءَ سان بيان ڪيو آهي.

ساڳيءَ ريت، رڳو عشق جي ڪنهن قديم ڪهاڻي، غزل يا ادب جي ڪنهن اظهار کي ئي فوڪ ۽ ڪلاسڪ جو درجو ڪونہ ملي سگهندو، جيستائين اياز جهڙو شاعر ان جي ڪردارن جي اکين کي آرزو ۽ التجائون نٿو لکي، ۽ انهن اکين مان صدين جون صدائون نٿو لهي اچي. جيئن:

"اکيون آرزو
اکيون التجائون

اکيون يار تنهنجون

صدين جون صدائون. . . !“ (3)

افساني جي طلسم کدي مان حقيقت جا جواهر ڪڍي ٻاهر اچڻ وارو ڪمال، اياز جي فن جو هڪ دل آويز پاسو آهي. اياز ماضيءَ جي يادن ۾ انهن يادن جي قدرن جو اهڙو امين شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ عظيم انساني جذبن جي قدامت پوري ندرت سان موجود آهي.

هونئن تہ ” فوڪِش “هجڻ روايتي يا فطري هجڻ جي معنيٰ ۾ ليکجي ٿو مگر اياز ان روايتي ۾ فطري وهڪري ۾ وجي، ان جي جامد صورت تبديل ڪري، اتي پنهنجو تخليق ڪيل نئون ۾ متحرڪ فڪر رکي اچي ٿو.

خيال ۾ شاعريءَ کي بہ پنهنجو ماضي تئي ٿو مگر ساڳئي وقت ان ۾ جدت جا رنگ پري، کيس وڏيڪ خوبصورت بنائي، نکاري بيهارڻ واري گنجائش هر وقت موجود رهي ٿي. جيئن حُسن، کنهن ڪريم يا پائوڊر جي دٻي ۾ موجود ناهي هوندو ائين حُسن بہ اکين کان ٻاهر ئي هوندو آهي، جنهن کي کنهن عظيم شاعر جي بصيرت ئي پسي سگهندي آهي.

اياز روايتي شاعرن جي پرهيزگاري ۾ ڪجهہ نئين نہ ڪرڻ جي خوف کان گهڻو اڳيان بيٺل هئو هو فرد جي جنياتي يا خمير جي اصل کي سمجهڻ ۾ ان جي بيان ۾ انتهائي انوکو ۾ منفرد هئو.

اياز چوي ٿو.

”ذرا اک ٻوٽ، تون پيارا، تہ ڪجهہ ناهي
ڏسين سارا، ککيءَ کارا، تہ ڪجهہ ناهي
اها دولت، اها طاقت، اهو سڀ ڪجهہ
ڏسين جي تون، هلڻ هارا، تہ ڪجهہ ناهي. . . !“ (4)

رڳو شاعري ڪرڻ ئي وڏي ڳالهہ ناهي هوندي، پر شاعريءَ جي ابدي سچ سان گڏ بيهي، ان جي اساسي قدرن جي پاسداري ڪرڻ وڏي ڳالهہ آهي، جيڪا اياز جي دور ۾ ان کان بعد، اڄ ڏينهن تائين، ڪائونس بهتر ٻيو ڪير بہ ناهي ڪري سگهيو. . . !

اياز جي شاعريءَ ۾ هڪ دل ڌڙڪي ٿي، جيڪا پڙهندڙ جي دل سان هم آهنگ ٿي بيهي ٿي.

شيخ اياز پنهنجي دور جو نہ رڳو هڪ دل آويز انسان هئو پر ساڳئي وقت هڪ عهد ساز ۾ غير معمولي شاعر پڻ هو. هڪ اهڙو شاعر، جنهن شاعري مڪمل شعور ۾ دل وٽان ڪئي.

نظم، غزل ۽ بيت کان علاوه اياز جي گيتن ۾ بہ لوڪ ڏاهپ جا بيشمار مثال ملن ٿا. گيت شاعريءَ جي اهڙي صنف آهي، جيڪا سماج جي تاجي پيٽي منجهان اهي موضوع چونڊي سامهون آڻي ٿي، جن جو واسطو ماضي ۾ ان سماج جي اتهاس سان هوندو آهي. اياز جي لکيل همرچي منجهان هي سٽون ڏسو:

”همرچو روڪيو ميڙيو لا،
(گجي اچڻ جو هي ميڙ آلا)
الا همرچوڙي لا.
ڏورُ رهيو اسان جو ڏيسڙو لا
(منهنجو ديس پري رهيو)
الا همرچوڙي لا.
ڪاسي ڪبر لاسي ڪاهوڙي لا
(ڪاهڙ جي خاصي خبر آڻيندو)
الا همرچوڙي لا.“(5)

’همرچو‘ سنڌ جي سماج ۾ خاص ڪري ان جي ٻهراڙيءَ واري اهڙي پاسي کي ظاهر ڪري ٿو، جيڪو هاري يا ڪيت مزدور جي احساسن سان جڙيل آهي. هاري جڏهن زمين ۾ ٻج ڇٽي ٿو لابارو ڪري ٿو ڳاهہ ڳاهي ٿو تہ هُو وقت گذارڻ ۽ ڪم ۾ پنهنجي دلچسپي برقرار رکڻ لاءِ همرچو ڳائي ٿو. تڏهن اياز انهن جي اتهاس مان هي روپ کڻي ان کي گيت جي صورت ڏيئي ٿو.

شيخ اياز جي گيتن تي ٻڌل ڪليات ۾ ڊاڪٽر اسحاق سميجو لکي ٿو تہ، ”شيخ اياز جي شاعري پڙهندي پل لاءِ بہ اهو احساس نہ ٿيندو تہ هن لفظن جي ميڙا چونڊي ڪري، پوءِ ويهي شعر گوئي ڪئي آهي. هن پنهنجي مطالعي، مشاهدي، علم ۽ رولاڪين مان سکيو آهي ۽ انهن متروڪ، پراڻن ۽ وساريل لفظن کي بہ ڀهرين اپنايو ۽ پوءِ تخليق جو حصو بڻايو آهي. هن پنهنجن گيتن ۾ لفظ ٽاڪيا ناهن، پوئيا بہ ناهن، بلڪ انهن کي حل ڪيو آهي، جيئن ڪنڊ پاڻيءَ ۾ ۽ خوشبو ساهن ۾ حل ٿي ويندي آهي. “ اياز جي ابتدائي نقاد ۽ پارکو رسول بخش پليجي جي اها راءِ بلڪل درست آهي تہ ”اياز سنڌي ٻوليءَ جو زبردست عاشق ۽ پارکو آهي. هو سنڌي لفظن جو وينجهار آهي. اکرن جا املهہ ۽ بي بها خزانا جيڪي هر هنڌ ٽڙيا پکڙيا پيا هئا، جن ڏانهن ڪنهن ڏيان نٿي ڏنو، تن کي هن سهيڙي، اجاري ۽ گهڙي، منجهانئن شعر جا اهڙا حيرت انگيز نوَ لکا هار ٺاهيا آهن، جن کي ڏسي، عقل چرخ ٿيو وڃي. خاص ڪري سندس گيت لفظن جي خوبصورتيءَ، سٽاءَ جي سونهن، موسيقيت ۽ اثر جي ڪري، فن جا چڻ تاج محل آهن.

”پاڻياري ٽُلڪي۔
سَينهُونءَ تي سَوَ سانگ گهڙي جا
پَلڪ پَلڪ ڇُلڪي،
پاڻياري ٽُلڪي.

اَئٽ جي پئٽ تي، گهوٽ گهائي گهٽا
مُرڪندي تي ورين، تون بہ پهتينءَ گهر
پيرُ هوريان تہ ڌرا!

پاڪ جي لاڪ سان، سچ لوئي رڱي،
لڄ آهي چڱي، نينگري هن نگر۔
پير هوريان تہ ڌرا“ (6)

ڊاڪٽر اسحاق سميجي اياز جي گيتن جي حوالي سان جيڪا ڳالهہ ڪئي آهي، اها بہ انهيءَ حقيقت جي ساکي آهي تہ اياز پنهنجي شعور ۾ لوڪ ڏاهپ جا ڪيترائي جوهر رکيا ٿي، جن کي هن نئين طريقي ۽ انداز سان اظهاري سنڌ جي سماج ۽ متروڪ لفظن کي پنهنجن تخليقن ۾ ڪيڏي نہ خوبصورت طريقي سان اظهاريو آهي. ساڳئي ڪتاب ۾ ڊاڪٽر اسحاق سميجو وڌيڪ لکي ٿو تہ ”اياز جو گيت پنهنجي وطن ۽ مٽيءَ سان بي پناهہ عقيدت ۽ محبت جو ڪلمو آهي،اِها عقيدت ۽ محبت سانوڻي ۾ سنڌو وانگر آهي، جنهن جي وهڪري ۾ مسلسل چاڙهہ ايندو ٿو رهي.

هن ڏس ۾ اياز جون لوليون بہ ڪنهن شاهڪار کان گهٽ نہ آهن، جن ۾ هن نہ فقط موضوعاتي ڪشادگي ۽ نُدرت پيدا ڪئي آهي، پر ٻوليءَ جي نرمي، نفاست ۽ مڌرتا جو بہ بي مثال نمونو پيش ڪيو آهي. ٿري لوڪ گيتن ’مٺيار‘، ’همرچي‘، ’ڪرهي‘، ’سانوڻ ٽيج‘ کان وٺي ’ڇيڄ‘ توڙي ’لولين‘ ۾ جيڪو سنڌ جو ثقافتي پسمنظر، فطرتي حسن، ٻوليءَ جي لطافت ۽ احساسن جي نواڻ آهي، سا ڪنهن جديد شعري هيئت ۾ بہ ورلي ملندي. “

”لولي   لال!
جئين   شال!
ساري ڌرتيءَ تي آ سڀ کان سندر تنهنجو ديس،
اَن بہ اُجرو، مَن بہ اُجرو، وَنُ بہ اُجرو ويس.
لولي لال،
لولي!“ (7)

اياز جي شاعري بابت مٿين راءِ ۾ ڏنل لوليءَ جو حوالو ظاهر ڪري ٿو تہ تخليق ۾ صنف جي چونڊ اياز پنهنجي لوڪ ڏاهپ ۾ ان جي يادگيري مان ڪئي آهي. لولي اسان جي ثقافت ۾ لوڪ ڏاهپ جو هڪ اهڙو اظهار آهي، جنهن کي اياز پنهنجي تخليقي سگهہ سان انتهائي خوبصورتي وچان اظهاريو آهي. شيخ اياز پنهنجي نظمن، واين ۾ مختلف نوٽس تي ٻڌل ڪتاب ’ڪتين ڪر موڙيا جڏهن‘ ۾ هڪ وائي پيش ڪندي پنهنجا خيال هن طرح اظهاري ٿو:

”پنيان هن ديوار جي ڪيڏو آ آڪاس،
سوچيو پئي مارئيءَ.
ڪيڏا وَڻَ وٽڪار جا ڪيڏو سَرهو سُواسُ
سوچيو پئي مارئيءَ.
آهي لاڙِي مينهن ۾ ڪيڏو وَلين واسُ
سوچيو پئي مارئيءَ.
ڇا ڇا اِن کي ٿو کَپي هِي جو ماٺهوءَ ماسُ!
سوچيو پئي مارئيءَ.“(8)

مٿين وائيءَ ۾ اياز پنهنجا ويچار ۾ احساس مارئي جي احساسن سان ڳنڍي ٿو ۽ پنهنجي شاعري کي لوڪ ڏاهپ وارو ويس ڍڪائي ٿو جنهن ۾ مارئي ۾ ان جو وطن لاءِ وانجهائڻ جيئڻ جو تيئن سامهون آڻي بيهاري ٿو. هتي مارئي کي موضوع بنائڻ اصل ۾ اياز جي هن لوڪ ڏاهپ سان واسطو رکي ٿو جيڪو ڪنهن بہ ڪوي جي شعور ۾ لاشعور ۾ ويٺل هوندو آهي.

شيخ اياز بابت لکيل ڪتاب ’اياز شناسيءَ‘ ۾ آصف فرخي لکي ٿو تہ، ”شيخ اياز جي ڪلام جو ڦهلاءُ يا گهيرو ايڏو وڏو آهي، جو ان لاءِ هالو چالو تنقيدي ماپا ننڍا ٿي پون ٿا. بيت ۽ وائيءَ جهڙين روايتي قديمي صنفن کان وٺي غزل جهڙي ڪلاسيڪي صنف ۽ وري آزاد نظم ۽ نثري نظم جهڙيون جديد تر صنفون ۽ پڻ نثر جي مختلف اسلوبن ۾ سندس لکڻين جو خزانو مقدار ۽ معيار ۾ ايتري قدر وسيع آهي، جو چڱن ڀلن مجيل نقادن کي ڏنديں آڱريون اچيو وڃن. هيءَ تہ اهو گجگوڙ ڪري وهندڙ درياءُ آهي، جو تنقيد جي ڪوزي ۾ سميٽجي اچڻ جي بدران، نقاد کي بہ پنهنجي وهڪري ۾ وهائي وڃي ٿو.“(9)

اياز بابت آصف فرخي جا خيال پڻ انهي ڳالهہ جي وضاحت ڪن ٿا تہ اياز جي تخليقي سگهہ گهڻ پاسائين ۽ انتهائي گهڻي ڪرشماتي آهي، جنهن کي ڪو بہ نقاد آسانيءَ سان پرکي ۽ ان لاءِ ڪو معيار ۽ ماپو طئي نٿو ڪري سگهي.

اها ڳالهه اياز جي ذات ۾ فڪر تي بنهه پوري لهي ٿي ته، هر عظيم فنڪار پنهنجي دور کان اڳ ۾ پيدا ٿيندو آهي. اياز ۾ سندس شاعري کي اسان جيڪڏهن انهيءَ پسمنظر ۾ ڏسون، ته سندس چونڊيل موضوع پڻ انهي ڳالهه جي گواهي ڏيندا ته اياز موجوده دور کان علاوه پنهنجي ماضي ۾ تاريخ کي به ائين ورجايو آهي، جڻ اهي واقعا اڄ جي دور جا هجن. اياز جا هي بيت ڏسو:

”در در گهري دانءَ، پالهو آندو پاند مون،
ڪجهه به نه چاهيو مون، ڏسي سڀ ڪجهه جو شمشانُ،
هاڻي هان حيرانُ، ڪهڙي منهن توکان مڱان!“ (10)

”اُن جي گودِ سواءِ، آٿت ناهه اُتامرا!
لوليون ڏئي تولاءِ، آيل آد جڳاد جي.“ (11)

مٿين بيتن ۾ اياز جي اظهار جو سلسلو به سنڌ جي اتهاس ۾ انهن روايتن سان ڳنڍيل ڏسجي ٿو جيڪي اڄ جي دور جي ماڻهن کان وسرندا وڃن ٿا.

شيخ اياز جي ڪتاب ’شاعريءَ جو سجدو‘ ۾ نور احمد سنڌي لکي ٿو ته ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي کان پوءِ جنهن شاعر کي ٻوليءَ جو معمار شاعر لکيو وڃي ٿو سو شيخ اياز آهي. هن وقت سنڌي ٻوليءَ جيڪا هيئيت ۾ شڪل اختيار ڪئي آهي، ان کي زندهه رکڻ لاءِ شيخ اياز جي شاعري ساڳيو ڪم سرانجام ڏيئي رهي آهي، جيڪو گذريل ٽن سئو سالن کان شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ٻولي سرانجام ڏيندي رهي آهي.“ (12)

اياز بابت اها راءِ پڻ ثابت ڪري ٿي ته رڳو موضوع ۾ خيال نه، پر ٻوليءَ کي زندهه رکڻ لاءِ ان جي اصلي حالت ۾ صورت ۾ تخليقي سفر جاري رکڻ ضروري آهي، جيڪو شيخ اياز بخوبي سرانجام ڏنو آهي. شاعري جي گوناگون موضوعن ۾ شيخ اياز جيڪو به رس چس ڀريو آهي، ان جو گهڻو حصو لوڪ ڏاهپ مان کنيل موضوعن ۾ ڪردارن تي ٻڌل آهي، جيڪي سنڌ جي لوڪ ڏاهپ جو حصو رهيا آهن. جيڪڏهن ائين چئجي ته شيخ اياز جي شاعري سندس ماضي واري ان يادگيري مان ڦٽل آهي، جيڪا نسل در نسل ماڻهن جي لاشعور ۾ پنهنجي جاءِ ولاريندي رهي ٿي، ته ان ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو.

## حوالا:


1. ميڊيانو پيٽرڪ جي نوبل انعام وٺڻ دوران ڪيل تقرير مان اقتباس: هنڌ سوئيڊش اڪيڊمي اسٽاڪ هوم: 7 ڊسمبر 2014ع.
2. اي ڪاش تون اهو ڄاڻي ها، ليکڪ، فياض لطيف، وسيلو سنڌ سلامت پيج تان ورتل: 19 آڪٽوبر 2012ع.

3. نور احمد جنجهي، شيخ اياز جي شاعري، صدين جي صدا، وسيلو اخبار سنڌ ايڪسپريس: 29 ڊسمبر 2022ع.
4. شيخ اياز ڪاري رات ڪهنگ. روشني پبليڪيشن: 1998ع.
5. اسحاق سميجو ڊاڪٽر (مرتب)، ناوَ هلي آ گيت ڪٽي، اياز جي گيتن جو ڪليات: 2009ع. ص 47_ 48.
6. اسحاق سميجو ڊاڪٽر (مرتب)، ناوَ هلي آ گيت ڪٽي، اياز جي گيتن جو ڪليات: 2009ع. ص 31.
7. اسحاق سميجو ڊاڪٽر (مرتب)، ناوَ هلي آ گيت ڪٽي، اياز جي گيتن جو ڪليات: 2009ع. ص 36.
8. ’ڳتين ڳر موڙيا جڏهن‘، شيخ اياز پاڳوپيو نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد: ص_ 78، سال 1992ع.
9. ڪاري رات ڪوهنگ، بيڪ ٽائيٽل، آصف فرخي، روشني پبليڪيشن: 1998ع.
10. شيخ اياز ڪلهي پاتم ڪينرو نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1998ع: ص 13
11. شيخ اياز ڪلهي پاتم ڪينرو نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1998ع: ص 13
12. شيخ اياز ڪلهي پاتم ڪينرو نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1998ع: ص 3